**سوشلزم ڇو؟**

تحرير : البرٽ آئن سٽائن
ترجمو : ڪامريڊ لتا

(هي مضمون Monthly Review جي پهرين شماري مئي 1949ع ۾ شايع ٿيو)

ڇا اُن ماڻهو لاءِ سوشلزم جي موضوع تي پنهنجا خيال پيش ڪرڻ معقول ڳالهه آهي جنهن کي معاشيءَ ۽ سماجي مسئلن جو علم نه هجي؟ منهنجي سامهون ان جا سبب هي آهن.

اچو ته سڀ کان پهرين سائنسي چاڻ جي حوالي سان انهي سوال تي غور ڪريون. ظاهري طور ائين لڳندو ته فلڪيات ۽ معاشيات جي بنيادي طريقي ڪار ۾ ڪو واضع فرق نه آهي. سائنسدانن علمن جي ٻنهي ميدانن ۾ مظهرن لاءِ عمومي قانون دريافت ڪرڻ جون ڪوششون ڪن ٿا ته جيئن انهن جي وچ ۾ تعلق کي قابل فهم حد تائين ممڪن بڻائي سگهجي پر حقيقت ۾ انهن جي طريقي ڪار ۾ فرق موجود آهي. معاشيات جي ميدان ۾ عمومي قانونن جي دريافت ان ڪري مشڪل ٿي ته مشاهدي ۾ ايندڙ معاشي مظهرن تي ڪيترائي عنصر اثرانداز ٿين ٿا جن کي الڳ الڳ ڪري سمجهڻ مشڪل آهي. وڌيڪ اهو ته انساني تجربي جيڪو انساني تاريخ ۾ مهذب دور جي شروعات کان واڌ ويجهه ڪندو آيو ۽ اهڙن سببن جي ڪري اجتماعي شڪل اختيار ڪئي آهي جيڪي ڪُلي طور تي معاشي نه آهن. مثال طور تاريخ ۾ تمام گهڻيون رياستون پنهنجي وجود لاءِ ٻين رياستن تي فتح حاصل ڪرڻ واري عمل تي انحصار ڪيو. فاتح ملڪن جي ماڻهن معاشي ۽ قانوني طور پنهنجو پاڻ کي فاتح ملڪ جي مراعت يافته طبقي جي طور تي مستحڪم ڪيو. انهن زميني ملڪيت جي اجاراداري قائم ڪئي ۽ پنهنجي صفن جا پيشوائي عهديدار منتخب ڪيا. ديني پيشوائن تعليم تي پنهنجي اجاراداري قائم ڪري ورتي ۽ طبقاتي نظام کي مستقل اداري جي شڪل ڏيئي ڪري معاشري جي گروهه بندي وارو نظام ڏيئي اهڙن قدرن کي جنم ڏنو جنهن سان ماڻهن جا رويا لاشعوري طور تي انهي شڪل ۾ گهڙجي ويا.

اها تاريخي روايت گذريل وقت تائين ائين ئي هئي پر هاڻي اسان انساني ترقي جي انهي دؤر جنهن کي Thorslein Veblen شڪاري دؤر (The Predatory Phase) چيو هو ان تي قابو آڻي چڏيو آهي. مشاهدي جي قابل معاشي حقيقتون انهي دؤر سان تعلق رکن ٿيون ۽ ايستائين جو اهڙا قانون جيڪي اسين انهن مان اخذ ڪيون ٿا اهي ٻين دؤرن ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل نه آهن. ڇو ته سوشلزم جو حقيقي مقصد شڪاري دؤر جي انساني ترقي تي عبور حاصل ڪري ان کان به وڌيڪ ترقي ڪرڻ آهي. معاشي سائنس موجوده حالت ۾ به مستقبل جي سوشلسٽ سماج تي ٿوري روشني وجهي سگهي ٿي.

ٻيءَ ڳالهه اِها ته سوشلزم سماجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي پر سائنس اهڙن مقصدن کي جنم نه ٿي ڏئي ۽ نه ئي انهن کي انساني ذهنن ۾ وجهي سگهي ٿي پر سوشلزم اهڙن ذريعن جي تخليق ڪري سگهي ٿو جيڪي انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهن. اهي مقصد انهن شخصيتن جي ذهنن ۾ جنم وٺن ٿا جن جا سماجي عزم بلند هوندا آهن جيڪڏهن اهي مقصد جامد ۽ ساڪن نه هجن پر فعال ۽ مؤثر هجن ته انهن کي اهي انسان اپنائين ٿا جيڪي قدر لاشعوري طور تي معاشري جي سست ارتقا جو تعين ڪن ٿا.

انهن سببن جي آڌار تي اسان کي محتاط رهڻ گهرجي ته جيئن اسين سائنس ۽ سائنسي طريقيڪار کي ضرورت کان وڌيڪ اهميت نه ڏيون. اسان کي هي مفروضو قائم نه ڪرڻ گهرجي ته صرف ماهر ماڻهو ئي اهو حق رکن ٿا ته معاشري جي تنظيم ۽ ان سان لاڳاپيل مسئلن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪن.

جڏهن به بيشمار آواز پُرزور دعوى ڪري رهيا هجن ته هاڻي انساني معاشرو نازڪ دؤر مان گذري رهيو آهي ۽ انتهائي غير مستحڪم آهي ته اهو اهڙي صورتحال جو حوال آهي ته فرد چاهي اهي ننڍي يا ڪنهن وڏي گروپ سان تعلق رکندا هجن، اهي ان گروهه کان يا ته لاتعلق ٿي ويندا آهن يا وري ان جي مخالفت شروع ڪندا آهن، ان جي وضاحت لاءِ آئون ذاتي تجربو بيان ڪريان ٿو، تازوئي منهنجي هڪ ذهين ۽ ڏاهي ماڻهو سان گفتگو ٿي، مون چيو ته منهنجي خيال ۾ هڪ ٻيءَ جنگ جو خطرو آهي جيڪا انساني وجود کي شديد خطري ۾ وجهي ڇڏيندي. مون راءِ ڏني ته قومي رياستن کان مٿاهين تنظيم ئي ان خطري کان بچاءَ لاءِ تحفظ فراهم ڪري سگهي ٿي، ان تي منهنجي ملاقاتي انتهائي آرام وسڪون ۽ ٿڌي مزاج مان وراڻيو "ته توهان انساني نسل جي وجود جي خاتمي جي ايتري سخت مخالفت ڇو ٿا ڪريو؟"

مون کي يقين آهي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ صدي اڳ ڪير به اِن آساني سان اهڙو بيان نه ڏئي ها. هي هڪ اهڙي ماڻهو جو بيان آهي جيڪو پنهنجي پاڻ ۾ توازن قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪجه وڌيڪ نااميد ٿيو. هي صرف ويڳاڻپ ۽ ڏک سان ڀريل اڪيلائي جو اظهار آهي، جنهن ڪيفيت مان هِن وقت ڪيترائي ماڻهو گذري رهيا آهن. ان جو سبب ڇا آهي؟ ۽ ان جي نجات جو رستو ڪهڙو آهي؟

اهڙا سوال اٿارڻ آسان ڪم آهي پر خاطري سان جواب ڏيڻ مشڪل ڪم آهي. مان جيتري بهتر ڪوشش ڪري سگهان ٿو اها ڪندس. جيتوڻيڪ مان حقيقت کان با خبر آهيان ته اسان جا احساس ۽ اسان جون ڪوششون اڪثر متضاد ۽ منجهيل هونديون آهن وڌيڪ اهو ته انهن کي آسان ۽ سادي طريقن سان بيان به نٿو ڪري سگهجي.

فرد هڪ ئي وقت ۾ انفرادي ۽ سماجي وجود آهي، پنهنجي انفرادي وجود جي ناطي پنهنجي وجود جي لاءِ ۽ انهن سيني ماڻهن جو تحفظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيڪي ان جي ويجهو هوندا آهن ۽ پنهنجي خواهش کي مطمعن ڪرڻ ۽ پنهنجي لڪيل قابليتن کي اپارڻ جون ڪوششون پڻ ڪندو آهي. سماجي انسان هجڻ جي ناطي هو ٻين سان پنهنجي سڃاڻپ ۽ پاڻ سان گڏ رهندڙ ماڻهن جي محبت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، انهن جي خوشين ۾ شامل ٿيڻ، انهن جي ڏک ۾ انهن کي سهارو ڏيڻ ۽ زندگي جي حالتن کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهي مختلف ۽ اڪثر مخالف ڪوششون هڪ ماڻهو جي مخصوص ڪردار جو تعين ڪنديون آهن ۽ انهن جو مخصوص ميلاپ اها حد طئي ڪري ٿو ته هڪ فرد پنهنجو اندروني توازن ڪيترو ماڻي سگهي ٿو ۽ سماج جي بهتري لاءِ ڪيترو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، ممڪن آهي ته هنن ٻنهي عملن جي گڏيل طاقت وراثتي طور تي طئي ٿيل هجي پر جيڪا شخصيت نهي ٿي ان ۾ معروض جو فيصلائتو ڪردار آهي جنهن ۾ ان فرد جي نشو نما ٿيندي آهي، سماج جي جوڙجڪ پڻ شامل آهي جنهن ۾ ان جي پرورش ٿئي ٿي، ان معاشري جي روايتن ۽ روين جا مخصوص عنصر شامل آهن، هڪ فرد جي لاءِ "سماج" جي تجريدي تصور مان مراد هڪ فرد جي سڌن ۽ اڻسڌن تعلقن جو مجموعو آهي. هن جا اهي تعلق جيڪي هن جي هم عصر ۽ گذريل

نسل جي سيني ماڻهن سان لاڳاپيل هوندا آهن. فرد بذات خود سوچڻ، محسوس ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي قابل ٿيندو آهي پر هو سماج جي طبعي، نفسياتي ۽ جذباتي وجود تي گهڻي ڀاڱي ڀاڙيندو ڪندو آهي جنهن ڪانسواءِ پنهنجي باري ۾ سوچڻ ۽ سمجهڻ سماجي ڍانچي ڪانسواءِ ناممڪن هوندو آهي. اهو سماج ئي آهي جيڪو ماڻهو کي ڪپڙا، خوراڪ، گهر، اوزار، زبان، سوچ جو ڏيک (Forms of Thought) ۽ گهڻي ڀاڱي سوچ جو جوهر (Content of Thought) مهيا ڪندو آهي. هڪ فرد جي زندگي ماضي ۽ حال جي ڪروڙين اربين ماڻهن جي محنت ۽ ان جي حاصلاتن ذريعي ممڪن ٿي آهي جيڪا معمولي لفظ ”سماج“ ۾ سمايل آهي.
اها حقيقت واضع آهي ته فرد جو معاشري تي ڀاڙڻ هڪ اهڙي فطري سچائي آهي جنهن کي رد نه ٿو ڪري سگهجي جيئن ماڪوڙين ۽ ماکيءَ جي مکين جو معاملو آهي جڏهن ته ماڪوڙين ۽ ماکي جي مکين جي زندگي جو دارومدار سخت گير ۽ موروثي جبلتن ذريعي مختصر معلومات تائين آهي ۽ انساني سماج جي جوڙجڪ ۽ انسانن جي وچ ۾ تعلقات جي نوعيت مختلف ۽ تبديل ٿيڻ جهڙي آهي. ياداشت جيڪا نيون جڙتون پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي ۽ زباني رابطي جي تحفي انسانن ۾ ترقي کي ممڪن بڻايو آهي جيڪي حياتياتي ضرورتن (Biological Necessities) جي طابع نه آهن. اهڙيون ترقيون روايتن، ادارن ۽ تنظيمن، ادب، سائنس ۽ انجنيئرنگ جي ڪارنامن ۾ پنهنجو اظهار ڪن ٿيون. ان سان اها وضاحت به ٿئي ٿي ته هڪ لحاظ کان هڪ ماڻهو پنهنجي طرز عمل سان پنهنجي زندگي تي اثر مرتب ڪري سگهي ٿو ۽ هن عمل ۾ شعوري سوچ ۽ خواهش به ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.
انسان پيدائش جي وقت موروثي طور تي حياتياتي نظام حاصل ڪري ٿو جنهن کي مقرر ۽ جامد چوڻ گهرجي، جنهن ۾ فطري جبلتون شامل آهن جيڪي انساني نسل جون خاصيتون آهن. ٻيو وري انسان پنهنجي زندگي جي دوران هڪ ثقافتي نظام جيڪو سماج مان رابطن ۽ ٻين ڪيترن ئي اثرن مان حاصل ڪري ٿو. هي اهو ثقافتي نظام آهي جيڪو وقت گذرڻ سان گڏوگڏ تبديل ٿيڻ گهرجي ۽ هي نظام وڏي پيماني تي فرد ۽ معاشري جي وچ ۾ تعلق طئي ڪري ٿو. جديد علمِ بشريات اسان کي قديم ثقافتن جي تقابلي موازني ذريعي ٻڌايو آهي ته ان ۾ موجود انساني رويا مختلف ٿي سگهن ٿا جنهن جو دارومدار رائج سماجي جوڙجڪ ۽ سماج تي حاوي تنظيم جي قسمن تي هوندو آهي. اهي ماڻهو جيڪي معاشري جي تقدير بدلائڻ جو عزم رکن ٿا ۽ ان کي بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن اهي يقين رکن ٿا ته انسان صرف حياتياتي نظام جي ڪري هڪٻئي کي تباه ۽ برباد نه ٿا ڪري سگهن ۽ نه ئي پنهنجي ناهيل بيرحم تقدير جي رحم ۽ ڪرم هيٺ رهي سگهن ٿا.
جيڪڏهن اسان پنهنجي پاڻ کان پُڇون ته معاشري جي ساخت ۽ انسان جي ثقافتي روين کي ڪيئن تبديل ٿيڻ گهرجي جنهن سان انساني زندگي سک جو ڏيک ڏئي، ان مقصد جي لاءِ اسان کي حقيقت کان مسلسل آگاهه هجڻ گهرجي ته هتي کهڙيون حالتون آهن جيڪي اصلاح جي قابل نه آهن، جيئن ته پهرين ذڪر ڪيو ويو آهي ته انسان جي حياتياتي فطرت کي سيني عملي مقصدن لاءِ تبديل ڪرڻ ضروري نه آهي، وڌيڪ اهو ته گذريل صدين جي ٽيڪنيڪي ۽ علائقائي ترقي اهڙيون حالتون پيدا ڪيون آهن جيڪي هتي موجود رهنديون. گهٽيل آبادي جي علائقن جنهن ۾ انهن جي بقا جي لاءِ مختلف شين جو هجڻ لازمي آهي، اتي محنت جي انتهائي تقسيم ۽ هڪ اعلى درجي جي مرڪزيت وارو پيداواري اوزار تمام ضروري آهي. اهو وقت گذري ويو جڏهن نسبتاً ننڍا گروهه خود انحصاري جي زندگي گذاري سگهندا هئا. اهو چوڻ معمولي وڌاءَ هوندو ته انسانيت هاڻي عالمي سطح تي قائم پيداوار ڪرڻ ۽ ڪپائڻ وارو ڍانچو آهي.
هاڻي آئون ان نڪتي تي پهچي ويو آهيان جتي آئون پنهنجي دؤر جي بحران جي حقيقت جي نشاندهي ڪري سگهان، هن ڳالهه جو تعلق فرد جو سماج سان رشتي تي آهي ۽ فرد سماج تي ڀاڙڻ جي معاملي ۾ گهڻو باخبر ٿي ويو آهي پر ان کي هن ڀاڙڻ جو تجربو هڪ مثبت اثاثي، هڪ نامياتي جڙت ۽ محفوظ قوت جي طور تي نه ٿيو آهي پر هو ان کي پنهنجي فطري حق ۽ معاشي وجود جي لاءِ خطرو سمجهي ٿو. اڃان وڌيڪ اهو ته هڪ فرد جي وجود جي انانيت سان ڀرپور جبلتن ۾ وڌارو ٿئي ٿو ۽ ان جا سماجي رويا جيڪي فطري طور تي ڪمزور آهن وڌيڪ ڪمزور ٿيندا وڃن ٿا. سڀئي انسان جيڪي سماج جي ڪنهن به طبقي سان تعلق رکندا هجن ابتري جي هن عمل مان گذري رهيا آهن. لاشعوري طور ذاتي انا ۾ گرفتار ٿي ڪري پنهجو پاڻ کي غير محفوظ، اڪيلو ۽ زندگي جي سادي مسرتن کان محروم سمجهن ٿا. زندگي ڀلي مختصر ۽ خطرن سان ڀريل هجي انسان ان کي با معني تڏهن ئي بڻائي سگهي ٿو جڏهن هو پنهنجو پاڻ کي سماج جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي.
منهنجي خيال ۾ موجوده سرمائيداراڻي سماج ۾ برائي جي اصل جڙ معاشي انتشار آهي. اسين پنهنجي سامهون پيداوار ڪرڻ وارو هڪ وسيع سماج ڏسون ٿا جيڪي مسلسل ان ڪوشش ۾ آهن ته هڪ ٻئي کي اجتماعي محنت جي اجوري کان محروم ڪجي ۽ اهو طاقت جي زور تي نه پر موجود قانوني ضابطن کي استعمال ۾ آڻي هن مقصد کي حاصل ڪيو وڃي ٿو. ان سلسلي ۾ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته سڀئي پيداواري ذريعا يعني ڪُل پيداواري صلاحيتون جيڪي استعمال ٿيندڙ شين سان گڏوگڏ اضافي شيون جن مان سرمايو پيدا ڪري سگهجي اهي قانوني طور تي فردن جي نجي ملڪيت آهن.
بيان کي سادو بڻائڻ جي خاطر آئنده گفتگو ۾ مزدور مان مراد اهي سڀئي ماڻهو هوندا جيڪي پيداواري ذريعن جا مالڪ نه هوندا آهن، جيتوڻيڪ هي حد بندي جي ان اصطلاح جي عام استعمال کان ڪجهه مختلف آهي، پيداواري ذريعن جو مالڪ مزدور جي قوت محنت کي خريد ڪري ٿو ۽ مزدور پيداواري ذريعا ستعمال ڪندي نيون شيون پيدا ڪري ٿو، جيڪي سرمائيدار جي ملڪيت بڻجي وڃن ٿيون. هن عمل ۾ ضروري نڪتو اهو رشتو آهي جيڪو مزدور پاران پيدا ڪيل شيءَ ۽ ان جي عيوض مليل معاوضي جي وچ ۾ آهي، ٻئي حقيقي قدر جي پيماني سان ماپيا وڃن ٿا. جيستائين محنت جو هي معاهدو ”آزاد“ آهي ته مزدور جيڪو معاوضو حاصل ڪري ٿو اهو مزدور جي پيدا ڪيل شين جي قدر سان طئي نٿو ٿئي پر پورهيت جي گهٽ ۾ گهٽ ضرورتن ۽ مزدوري جي لاءِ مقابلي ۾ ايندڙ مزدورن جي تناسب سان طئي ٿئي ٿو. اهو سمجهڻ ضروري آهي ته مزدور جو معاوضو معاشي نظريي جي حوالي کان به ان جي ٺاهيل جنس جي قدر سان طئي نه ٿو ٿئي.
نجي سرمايو چند هٿن ۾ جمع ٿيڻ شروع ٿئي ٿو، جزوي طور تي سرمائيدارن جي وچ ۾ مقابلي ۽ جزوي طور تي ٽيڪنالاجي جي ارتقا ۽ محنت جي ورهاست ننڍن پيداواري يونٽن کي ختم ڪري وڏن وڏن پيداواري يونٽن کي جنم ڏيڻ ان جا سبب آهن. هن ارتقا جو نتيجو نجي سرمائيدار جي سلطنت جو ظهور آهي جنهن جو احتساب جمهوري طور منظم سياسي سماج جي وس کان ٻاهر آهي. هي سچ آهي ته قانون سازي ڪندڙ ادارن جا نمائنده سياسي جماعتن مان چونڊجن ٿا، جن کي وڏي پئماني تي نجي سرمائيدارن کان معاوضو ملي ٿو يا وري اُهي ٻين طريقن سان سرمائيدارن جي اثر هيٺ ڪم ڪن ٿا ۽ سرمائيدارعملي مقصدن لاءِ چونڊيل نمائندن کي قانوني ادارن کان مٿانهون ڪري ڇڏين ٿا، ان جو نتيجو اهو نڪري ٿو ته ماڻهن جي

نمائندن کي آبادي جي مظلوم طبقن جي مفادن سان کا دلچسپي نه ٿي رهي. وڌيک اهو ته موجوده حالتن ۾ نجي سرمائيدار راءِ عامه جي اڪثر ذريعن (پريس، ريڊيو، تعليم) تي سڌي ريت يا اڻ سڌي ريت لازمي طور قابض هوندا آهن. اهڙين حالتن ۾ هڪ انفرادي شهري جي لاءِ معروضي نتيجن تائين پهچڻ ۽ پنهنجي سياسي حقن کي استعمال ۾ آڻڻ ڪافي حد تائين مشڪل ۽ گهڻين صورتن ۾ ناممڪن آهي.

سرمائي جي نجي ملڪيت تي قائم معشيت جي موجوده صورتحال ۾ ٻه الڳ الڳ وصفون آهن. پهريون اصول اهو آهي ته پيداوار جا ذريعا (سرمايو) ذاتي ملڪيت آهن ۽ مالڪ انهن کي پنهنجي مرضي مطابق استعمال ۾ آڻن پيا. ٻيو اصول اهو آهي ته محنت جو معاهدو ”آزاد“ آهي. يقيناً ان لحاظ کان خالص شڪل ۾ سرمائيداراڻي سماج جو وجود نه آهي خاص طور تي هن ڳالهه تي توجه ڏيڻ گهرجي ته ٻگهي ۽ ڏکي سياسي جدوجهد جي ذريعي مزدورن ڪجهه گروهن لاءِ ”آزاد محنت جي معاهدي“ کي بهتر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. پر مجموعي طور تي موجوده دور جي معيشت ”خالص“ سرمائيداراڻي نظام کان مختلف نه آهي.

پيداوار انساني ضرورت جو پوراءَ ڪرڻ بجاءِ منافعو حاصل ڪرڻ لاءِ جاري آهي، اهڙي ڪابه سهولت نه آهي ته اُهي سڀئي انسان جيڪي ڪم ڪرڻ جي قابل ۽ اهل آهن اهي روزگار به حاصل ڪري سگهندا، ”بيروزگارن جي فوج“ هميشه موجود رهي ٿي. مزدور هميشه پنهنجي ملازمت جي ڪسجڻ واري خوف ۾ ورتل رهن ٿا. جيتوڻيڪ بيروزگار ۽ غريب پگهاردار مزدور هڪ منافعي جي قابل منڊي مهيا نه ڪندا آهن، شين جي پيداوار گهٽجڻ لڳي ٿي ۽ نتيجي ۾ هڪ وڏي مشڪل جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. ٽيڪنيڪي ترقي تقريباً سڀني ماڻهن جي لاءِ ڪم جي بار کي گهٽائڻ بجاءِ وڌيک بيروزگاري کي جنم ڏئي ٿي. منافعي جي حوس سرمائيدارن وچ ۾ مقابلي سان ملي ڪري سرمائي مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ ان جي اجتماع ۾ غير مستحڪم پڻي جا ذميدار آهن. غيرمحدود مقابلو محنت جي وسيع نقصان ۽ فردن جي سماجي شعور جي بحران ڏانهن وٺي وڃي ٿو جيڪو آئون پهرين ذڪر ڪري چڪو آهيان.

فرد جي سماجي شعور جو بحران منهنجي خيال ۾ سرمائيداري نظام جي وڏي برائي آهي. اسان جو سڄو تعليمي نظام ان برائي ۾ ورتل آهي. وڌاءَ جي حد تائين مقابلي جي رجحان کي شاگردن جي ذهنن ۾ ويهاريو وڃي ٿو، جيڪو پنهنجي مستقبل کي سنوارڻ لاءِ ڪيل ڪوشش ۾ ڪاميابي جي پوڄا ڪري ٿو.

منهنجي خيال ۾ انهن برائن جي خاتمي جو هڪ ئي حل آهي ته سوشلسٽ معيشت قائم ڪئي وڃي ۽ ان سان گڏ اهڙي طرح جو تعليمي نظام هجي جنهن جو رجحان سماجي مقصدن ڏانهن هجي. اهڙي معيشت ۾ پيداوار جا ذريعا بذات خود سماج جي ملڪيت ٿي وڃن ٿا ۽ انهن کي منصوبي جي تحت استعمال ۾ آندو وڃي ٿو. هڪ منصوبه بند معيشت جيڪا پيداوار کي سماجي ضرورتن سان هم آهنگ ڪري ٿي ۽ انهن ماڻهن ۾ محنت جي تقسيم ڪري ٿي جيڪي محنت ڪرڻ جي اهل هوندا آهن ۽ هر مرد، عورت ۽ ٻار کي روزگار جي ضمانت فراهم ڪندي آهي. فرد کي تعليم ان جي اندر لڪيل صلاحيتن کي وڌائڻ کان سواءِ موجوده دور ۾ طاقت ۽ ڪاميابي جي حسرتن کي ئي هو سڀ ڪجهه سمجهي ان جي بجاءِ ٻين انسانن جي لاءِ ذميداري جي احساس کي پڻ وڌائيندي آهي.

پوءِ به اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته هڪ منصوبه بند معيشت سوشلزم نه آهي. اهو خطرو موجود رهي ٿو ته هڪ منصوبه بند معيشت ۾ فرد مڪمل غلام ٿي وڃي. سوشلزم جي ڪاميابي سماجي ۽ سياسي مسئلن جي حل جو مطالبو ڪري ٿي، اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ جڏهن معاشي ۽ سياسي طاقت چند هٿن ۾ جمع ٿي وڃي ته آفيسر شاهي کي ڪُلي طور تي طاقتور ۽ متڪبر ٿيڻ کان ڪيئن بچائي سگهجي ٿو؟ فرد جي حقن کي ڪيئن محفوظ ڪري سگهجي ٿو؟ ۽ جمهوري قوت جي ذريعي آفيسر شاهي جي قوت کي ڪيئن قابو ۾ آڻي سگهجي ٿو.

تبديلي جي هن دور ۾ سوشلزم سان تعلق رکندڙ مسئلن جي باري ۾ آگاهه هجڻ ضروري آهي. جيتوڻيڪ موجوده حالتن ۾ ان موضوع تي بحث مباحثي کي چڱي نظر سان نه ٿو ڏٺو وڃي منهنجي خيال ۾ توهان جي رسالي Monthly Review ڇپجڻ عوامي خدمت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو.